SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 2015
# SINDH ACT NO.XI OF 2015
# سنڌ گڏيل مالڪي ايڪٽ، 2014
# THE SINDH CONDOMINIUM ACT, 2014
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعئات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.پروجيڪٽ جي مرمت

Maintenance of Project

4.رهائشين جي ڪوآپريٽو مينٽيننس سوسائٽي

Residents Cooperative Maintenance Society

5.سوسائٽي جا ڪم ۽ ذميداري

Functions and responsibility of Society

6.مرمتي ڪمپني جي ذميداري

Responsibility of maintenance company

7.عمارت جي انشورنس

Insurance of Building

8.بچت

Savings

9.قاعدا جوڑڻ جو اختيار

Power to make rules

10.ضابطا

Regulations

11.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Over-riding effect

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 2015
# SINDH ACT NO.XI OF 2015
# سنڌ گڏيل مالڪي ايڪٽ، 2014
# THE SINDH CONDOMINIUM ACT, 2014

[4 فيبروري 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ عوام جي وڪري جي پروجيڪٽس جي مرمت جي ضابطي لاءِ گنجائش جوڙي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ عوامي وڪري جي پروجيڪٽس ۾ رهائشين، يونين يا پروجيڪٽ جي سوسائٽي طرفان سنڌ صوبي ۾ رجسٽرڊ مرمتي ڪمپنيز ذريعي خدمتن، سهولتن، آڳر، پارڪنگ ۽ عام جڳهن ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جو انتظام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ گڏيل مالڪي ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

(3)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي سواءِ ڪنٽونمينٽ علائقن ۽ وفاقي حڪومت طرفان اعلانيل

قومي سڪيورٽي جي پروجيڪٽس جي.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) ”الاٽي“ مطلب ماڻهو يا ماڻهن جي باڊي جيڪو عوامي وڪري جي پروجيڪٽ ۾ هڪ يونٽ خريد ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ رهائشي، يونين يا سوسائٽي؛
(ii) ”سهولت“ مطلب عمارت جو حصو جيڪو خاص طور تي برادري، مذهبي ڀلائي جي مقصد لاءِ الاٽيز عام استعمال لاءِ مختص ڪيو ويو هجي، جهڙوڪ ڪميونٽي هال، مسجد، جنازه گاهہ، راند جو ميدان، فٽ نيس ڪلب، سوئمنگ پول، لائبريري، پارڪ، اسڪول ۽ تفريح جي جاءِ؛
(iii) ”اپارٽمينٽ“ مطلب هڪ آزاد رهائشي يونٽ جيڪو مشتمل هجي عوامي وڪري جي عمارت ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪمري، باٿ روم، ٽوائلٽ ۽ رڌ پچاءَ جي سهولتن جي؛
(iv) ”آرڪيڊ“ مطلب دڪانن ۽ گهٽي يا فوٽ پٿ جنهن تي دڪان نهيل آهي انهن وچ ۾ ڍڪيل واڪ وي يا ويرانڊو؛
(v) ”اٿارٽي“ مطلب سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 تحت قائم ڪيل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي؛
(vi) ”بلڊر“ مطلب ماڻهو يا ڪمپني جيڪو منظور ٿيل

بلڊنگ پلان ۾ اٿارٽي طرفان جاري ڪيل ورڪ لاءِ نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ تحت يونٽس جي ورڪ سان عمارت جي تعمير لاءِ اٿارٽي طرفان لائسنس ڏنل هجي؛

(vii) ”عمارت“ مطلب هڪ عمارت يا ان جو حصو جنهن ۾ شامل آهن سموريون فٽنگز، فڪسچرز، انسٽاليشنز، اشارا ۾ عمارت جا ڊسپلي اسٽرڪچرز؛

(viii) ”تعميراتي ڪم“ مطلب تعمير يا ٻيهر تعمير يا تبديلي بشمول عمارت کي مڪمل ڊاهڻ يا ڪجهه حصو ڊاهڻ يا وڌاءُ ڪرڻ يا عمارت ۾ تبديليون ڪرڻ؛

(ix) ”قالين جي ايراضي“ مطلب ٻاڙي تي ڏيڻ لائق يا وڪري لائق يونٽ جي اندر فرش جي ايراضي سواءِ ٻاهرين ڀتين واري ايراضي جي بشمول اندرين ڀتين ۾ ڪالمز واري ايراضي جي؛

(x) ”عام ايراضي“ مطلب عمارت جا اهي عام حصا جيڪي يونٽ جي مالڪن يا رهائشين جي عام استعمال لاءِ ٺاهيا ويا هجن ۾ منظور ٿيل عمارت جي منصوبي ۾ ڏيکاريا ويا هجن، جهڙوڪ ڏاڪڻيون، گذرگاهه، لابيز ۾ آرڪيڊ؛

(xi) ”لازمي کليل جڳهه“ مطلب لازمي کليل جڳهه جيڪا پلاٽ ۾ مڪمل طور تي کليل ڇڏي ويندي، جنهن تي ڪا به تعمير يا عمارت جو ڪو لازمي حصو جوڙڻ جي اجازت نه ڏني ويندي سواءِ جتي ضابطن ۾ اجئزت ڏني وئي هجي؛

(xii) ”باهہ دوران نڪرڻ جو رستو“ مطلب باهہ لڳڻ جي صورت ۾ عمارت مان نڪرڻ جو رستو؛
(xiii) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛
(xiv) ”گهر يڏ ٻنگلو“ مطلب ماڻهن يا خاندانن جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪمري، رڌڻي، باٿ روم يا ٽوائلٽ سان گڏ هڪ ماڙيا ٻہ ماڙ آزاد رهائشي عمارت؛
(xv) ”گڏيل مالڪي هيٺ ملڪيتون“ مطلب عمارت ۾ اهي ملڪيتون جيڪي هڪ يونٽ کان وڌيڪ تي مشتمل هجن ۽ هڪ فرد يا ڪمپني کان وڌيڪ جي مالڪي هيٺ هجن؛
(xvi) ”قانوني قبضو رکندڙ“ مطلب اهو ماڻهو جيڪو يونٽ تي قبضو رکندڙ هجي ۽ جنهن کي ليزي يا سب ليزي طرفان قانوني قبضو ڏنو ويو هجي؛
(xvii) ”ليزي“ مطلب بلڊر جنهن پروجيڪٽ يا عمارت تعمير ڪئي آهي؛
(xviii) ”ليزر“ مطلب گورنمينٽ ايجنسي يا اٿارٽي جيڪا مروسي زمين کانسواءِ زمين جي مالڪ هجي؛
(xix) ”مئنيجمينٽ ڪمپني“ مطلب سوسائٽيز رکندڙ عمارتن، پروجيڪٽس جي مرمت لاءِ اٿارٽي سان مختلف ڪيٽيگريز ۾ رجسٽرڊ ڪمپني؛
(xx) ”عوامي وڪري لاءِ پروجيڪٽ“ مطلب عوام کي عوامي وڪري ذريعي مالڪي بنيادن تي سب ليز منتقل ڪرڻ جي ارادي سان جوڙيل پروجيڪٽ ۽ جنهن جي لاءِ لاڳاپيل اٿارٽي طرفان وڪري لاءِ نو

آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي؛

(xxi) ”ضابطا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(xxii)”مرمت“ مطلب پروجيڪٽ جي منظور ٿيل منصوبي ۾ ڪنهن تبديلي ڪانسواءِ خدمتن، پينٽينگ يا وائيٽ واش، پلاسٽرنگ، پوائنٽنگ، پيونگ ۽ ٻين ڪمن جي مرمت؛

(xxiii)”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(xxiv)”دڪان“ مطلب يا ڪاروبار لاءِ استعمال ڪئي ويندڙ جڳهه جيئن عمارت جي منصوبي ۾ منظور ڪيو ويو هجي، پر اها اهڙي ڪنهن سرگرمي لاءِ استعمال نه ڪئي ويندي جيڪا پاڙي ۾ شور يا گوڙ جو سبب بڻجي؛

(xxv)”سوسائٽي“ مطلب والنٽري سوشل ويلفيئر ايجنسيز (رجسٽريشن ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1961 تحت رجسٽرڊ رهائشين جي ڪوآپريٽو مئنيجمينٽ سوسائٽي؛

(xxvi)”سب ليزي“ مطلب يونٽ جو مالڪ جنهن کي يونٽ وڪرو ڪيو ويو هجي؛

(xxvii)”يوٽيلٽي سروسز“ مطلب واٽر سپلاءِ، سيوريج، بجلي، گئس، ٽيليفون، ڪيبل، انٽرنيٽ ۽ فائر فائيٽنگ سميت سموريون عام خدمتون جيڪي مختلف ايجنسيز، ڪاٽن يا رهائشي عمارت طرفان فراهم ڪيون وينديون هجن؛

(xxviii)”يونٽ“ مطلب هڪ اپارٽمينٽ، آرڪيڊ، گهر يا بنگلو ۽ جنهن ۾ شامل آهي عمارت جو حصو

جيڪو منظور ٿيل منصوبي ۾ آزاد رهائش جي استعمال يا واپاري مقصد لاءِ ڏيکاريو ويو هجي ۽ بلڊنگ کان خريد ڪيو ويو هجي ۽ الاٽي جي حق ۾ سب ليز ڪيو ويو هجي؛

(xxix)”گڏيل مالڪي“ مطلب هائوسنگ جيڪا گهڻن رهائشي يونٽس تي مشتمل هجي، جنهن ۾ هر يونٽ اڪيلي طور مالڪي هيٺ هجي.

| | |
|---|---|
| 3.(1) اڻارٽي طرفان مڪمل ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ کان هڪ سال ڪانپوءِ پروجيڪٽ جي مينٽيننس رجسٽرڊ مينٽيننس ڪمپني ذريعي بلڊر جي ذميداري هوندي، جيڪا الاٽيز کان مخصوص مينٽيننس في وٺي سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | پروجيڪٽ جي مرمت Maintenance of Project |

(2) ليزي سب ليزي کي يونٽ جو قبضو ڏيڻ کان اڳ هڪ سال جي مينٽيننس في اڳواٽ وٺڻ لاءِ بااختيار هوندو.

(3)بلڊر طرفان جمع ڪيل مينٽيننس رقم جو بيلنس ڪراس چيڪ ذريعي مينٽيننس ڪمپني يا رهائشي ڪوآپريٽو مينٽيننس سوسائٽي حوالي ڪيو ويندو.

(4)مينٽيننس جو عرصو عمارت مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ جي منظوري واري ڏينهن کان ۽ رجسٽرڊ پوسٽ يا ڪوريئر سروس ذريعي قبضو وٺڻ لاءِ الاٽيز کي لکت ۾ آگاهہ ڪرڻ واري ڏينهن کان شروع ٿيندو.

(5)بلڊر پروجيڪٽ حوالي ڪرڻ واري وقت رهائشي ڪوآپريٽو مينٽيننس سوسائٽي يا مئنيجمينٽ ڪمپني

سان لفٽ جي مينٽيننس لاءِ هڪ سال لاءِ صحيح ڪيل ڪانٽريڪٽ جو لفٽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ مهيا ڪندو.

(6)بلڊر يا سندس نامزد ڪيل انتظاميا عمارت ۾ شاپنگ مال سنڀالڻ ۾ انتظام ڪرڻ چاهي ته انهن کي اٿارٽي کان مڪمل طور رجسٽرڊ مينٽيننس مئنيجمينٽ ڪمپني ناهڻي پوندي، بشرطيڪ عمارت کي سنڀالڻ لاءِ ترجيح بلڊر جي مالڪي هيٺ مينٽيننس ڪمپني کي ڏني ويندي.

رهائشين جي ڪوآپريٽو مينٽيننس سوسائٽي
Residents Cooperative Maintenance Society

4.(1) عوامي وڪري جي پروجيڪٽس تي خدمتن ۾ سهولتن جي مرمت الاٽي ذريعي رجسٽرڊ مينٽيننس ڪمپنيز جي ذميداري هوندي، جيڪي والنٽري سوشل ويلفيئر ايجنسي (رجسٽريشن ۾ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1961 تحت پروجيڪٽ جي مرمت لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽي جوڙيندا.

(2)سوسائٽي منافعي لاءِ تنظيم نه هوندي، جيڪا پروجيڪٽ جي الاٽيز سان هم آهنگي ۾ تعلق کي هٿي وٺرائيندي ۾ ان جي ميمبرن کان ڌار قانوني ادارو هوندو ۽ ان کي ان جي حيثيت ۾ ڪيس ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

(3)پنجاهه سيڪڙو يونٽس جو قبضو حوالي ڪرڻ جي ڇهه مهينن اندر يا يونٽ مڪمل ٿيڻ ۾ بلڊر جي رجسٽرڊ پوسٽ يا ڪوريئر سروس جيڪا تڪڙي هجي، ان ذريعي الاٽيز کي قبضي آگاهه ڪرڻ جي هڪ سال ڪانپوءِ سوسائٽي جوڙي ويندي.

(4)سوسائٽي اڻ وڪرو ٿيل يونٽس جي صورت ۾،

جيڪڏهن ڪي هجن الاٽي، بلڊر يا ڊولپر تي مشتمل هوندي.

(5)اڻ وڪرو ٿيل يونٽس جي سلسلي ۾ هر الاٽي، بلڊر يا ڊولپر، ڪي سوسائٽي جي آئين تحت سوسائٽي جي جنرل باڊي جي گڏجاڻي ۾ ووٽ ڏيڻ ۽ حاضر رهڻ جو حق حاصل هوندو.

(6)هر اڻ وڪرو ٿيل يونٽ ڪي پنهنجي مالڪي جي حصي جو گڏيل مالڪي هيٺ ملڪيت ۾ هڪ ووٽ حاصل هوندو.

(7)سوسائٽي الاٽي يا سندس طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان لکت ۾ درخواست تي انسپيڪشن لاءِ پنهنجا باءِ لاز دستياب ڪندي.

(8)ڪنهن مخصوص ايراضي جي صورت ۾ جتي رجسٽرڊ مئنيجمينٽ ڪمپني عمارت کي تحويل ۾ وٺڻ لاءِ تيار يا خواهشمند ناهي، بلڊر هڪ سوسائٽي جوڙيندو ۽ سمورا اثاثا ۽ سهولتون سوسائٽي کي منتقل ڪرڻ جي ڇهن مهينن اندر قبضو حوالي ڪندو.

**سوسائٽي جا ڪم ۽ ذميداري**
**Functions and responsibility of Society**

5.(1) سوسائٽي عام ايراضي ۾ مينٽيننس، آپريشن ۽ انتظامن، پروجيڪٽ ۾ مينٽيننس چارجز جمع ڪندي يوٽيلٽي سروسز لاءِ ذميدار هوندي، جيڪي سوسائٽي طرفان انهن جي جنرل باڊي گڏجاڻيءَ ۾ طئي ڪيون وينديون ۽ بلڊر يا ڊولپر اڻ وڪرو ٿيل يونٽ جي سلسلي ۾ پنهنجي چارجز جو حصو سوسائٽي يا مئنيجمينٽ ڪمپني کي ادا

ڪندا.

(2) سوسائٽي اختيار استعمال ڪندي ۽ هيٺيان ڪم سرانجام ڏيندي:

(a)سمورين عام ايراضين، يوٽيلٽي سسٽم جي نگراني ڪرڻ، انتظام ڪرڻ، هلائڻ ۽ سنڀال ڪرڻ جيئن الاٽي جي جامع فائدي لاءِ هاڪاري ماحولياتي نتيجن ۽ الاٽيز وچ ۾ هم آهنگي کي هٿي وٺرائي سگهجي؛

(b)ڪچري جي نيڪال، ٽريٽمينٽ ۽ مئنيجمينٽ، پاڻي ۽ توانائي جي صلاحيت جي حڪمت عملين کي سوسائٽي جي حڪمت عملي ۾ ضم ڪرڻ؛

(c)پروجيڪٽ کي مينٽيننس ڪمپني ذريعي هلائڻ؛

(d)پروجيڪٽ جي مڪمل مرمت سنڀالڻ بشمول لفٽس، جنريٽرز، پمپس يا موٽرز، فيس لفٽنگ، ڪمپائونڊ لائيٽس، ڏاڪڻين جي لائيٽس، سڪيورٽي گارڊز، صفائي، ٻهاري، وائيٽ واش يا پينٽ، عمارت جي مين پائيپ لائنز ۾ سيپيجز، انڊر گرائونڊ ۽ اوور هيڊ پاڻي جي ٽانڪين جي صفائي ۽ سهولتن بشمول پارڪنگ ايرياز جي مرمت؛

(e)پروجيڪٽ جي مينٽيننس لاءِ رجسٽرڊ مينٽيننس ڪمپنيز سان نيڪي ۾ شامل ٿيڻ؛

(f)مينٽيننس ڪمپني طرفان مينٽيننس ڪانٽريڪٽ تحت جاري سمورن مرمتي ڪمپني جو انتظام ڪرڻ، ضابطو رکڻ ۽ نگراني ڪرڻ.

(3) ڪنهن نئين مڪمل ڪيل پروجيڪٽ لاءِ پهريون ساليانو مرمتي نيڪو بلڊر طرفان جوڳن اگهن تي مرمتي ڪمپني کي ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ مرمتي نيڪو سوسائٽي طرفان ڏنو ويندو.

(4)سوسائٽي پروجيڪٽ جي ڏيک جي سار سنڀال ۽ ٻاهرين رنگ لاءِ ذميدار هوندي، موسمياتي بچاءَ وارو رنگ هر پنج سالن ۾ مينٽيننس ڪمپني ذريعي ڪيو ويندو، جنهن لاءِ اضافي رقم الاٽيز کان وصول ڪئي ويندي.

(5)سوسائٽي اٿارٽي کي پروجيڪٽ جي مينٽيننس ڪمپني طرفان ڪيل مرمتي جي جاچ پڙتال لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿي ۽ نيڪي جي گهرجن تي پورو نہ لهڻ جي صورت ۾ اٿارٽي مينٽيننس ڪمپني جي رجسٽريشن رد ڪري سگهي ٿي يا ڪمپني جي ساليانې رجسٽريشن جي نئون ڪرڻ کي روڪي سگهي ٿي، يا مينٽيننس ڪمپني کي گهٽ ڪيٽيگري ۾ ڊيموٽ ڪري سگهي ٿي.

(6)سوسائٽي کي هر يونٽ تي اڻ ادا ڪيل چارجز يڏ سوسائٽي جي آئين جي گنجائش موجب ملڪيت تي

لڳايل ٻين ڪن رهتن لاءِ هڪ قرض هوندو ۽ مالڪي منتقل ٿيڻ جي باوجود به حق موجود رهندو.

6.(1) مينٽيننس ڪمپني:

مرمتي ڪمپني جي ذميداري
Responsibility of maintenance company

(a) ڇهه مهينن جو مرمت جو عرصو مڪمل ٿيڻ تي بلڊر کان اهڙي عرصي تائين بلڊر طرفان سمورين رهتن يا عام ايراضين جي يوٽيلٽيز جي اثاثن جي ادائگي بعد پروجيڪٽ جي مرمت جي تحويل وٺڻ جي ذميدار هوندي؛

(b)الاٽيز کان مينٽيننس چارجز وٺندي جيئن سوسائٽي جي جنرل باڊي گڏجاڻيءَ ۾ طئي ڪيو ويو هيو؛

(c)الاٽي کي جوڳو لکت نوٽيس ڏيڻ بعد يا ايمرجنسي ۾ بنا نوٽيس جي جتي الاٽي پنهنجي ذميداري سان يا سب ليز شرطن سان لکت نوٽيس کان پوءِ ڪم جاري رکڻ ۾ ناڪام ٿي ويو هجي، جاچ پڙتال لاءِ يا مرمتي ڪم جاري رکڻ لاءِ داخل ٿي سگهي ٿي.

(2) ڪنهن الاٽي طرفان سب ليز جي شرطن جي ڪنهن ڀڃڪڙي يا مينٽيننس ڪمپني طرفان نقص هٽائڻ يا مرمت ڪرڻ ۾ ناڪامي جي صورت ۾، سوسائٽي يونٽ جي سب ليز ضبط ڪرڻ ۽ الاٽمينٽ رد ڪرڻ جي درخواست سان گڏ معاملي بابت مجاز اختياري ۽ بلڊر کي آگاهه ڪندي.

(3) ٻن مهينن کان وڌيڪ مينٽيننس چارجز جي ادائگي نه ڪرڻ جي صورت ۾، مينٽيننس ڪمپني سوسائٽي ذريعي

ان اڪيلي يونٽ جو اوور هيڊ ٽينڪ مان پاڻي جو ڪنيڪشن ڪاٽي سگهي ٿي ۽ سوسائٽي عبادت جي جڳهه ۽ جنازي جي جڳهه جي پارڪنگ جي حقن سان گڏ سهولتون ۽ خدمتون ختم ڪري سگهي ٿي.

(4)سوسائٽي يقيني بڻائيندي ته سمورا الاٽي مستقل بنيادن تي يوٽيلٽي بل ادا ڪري رهيا آهن ۽ بجلي، پاڻي ۽ سوئي گئس جي ميٽرز کي باءِ پاسنگ ذريعي چوري جي صورت ۾، سوسائٽي معاملو کي اليڪٽرڪ، واپڊا، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ، واٽر اينڊ سيوريج اٿارٽي ۽ سوئي سدرن گئس ڪمپني کي رپورٽ ڪندي.

عمارت جي انشورنس
Insurance of Building

7. سوسائٽي باهه لڳڻ، عوامي هنگامي، وڳوڙن، زلزلي، بم بلاسٽ جي خطري جي سلسلي ۾ سموري عمارت جي تبديلي جي اڳهه لاءِ عمارت کي انشور ڪندي ۽ انشور ڪرائيندي ۽ ان سلسلي ۾ ادا ڪيل پريميم يونٽ جي مالڪ کان وصول ڪيو ويندو.

بچت
Savings

8.هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ مڪمل ڪيل سموريون عمارتون هن ايڪٽ جي دائري ۾ اينديون ۽ انهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب منهن ڏنو ويندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

9.حڪومت هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا

10.اٿارٽي مينٽيننس ڪمپنيز جي مختلف ڪيٽيگريز ۾

Regulations

رجسٽريشن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

اوور رائيڊنگ افيڪٽ
Over-riding
effect

11.هن ايڪٽ جي گنجائش يا ان تحت ڪيل ڪو عملدرآمد تيستائين موثر هوندو جيستائين ڪجهه ڪنهن بئي قانون جي متضاد نه هجي ۽ جتي ڪو ٽڪراءُ هجي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن يا ڪنهن بئي قانون ۾ ڪا بي ضابطگي هجي، ته اهڙي بئي قانون مٿان هن ايڪٽ جي گنجائشن کي برتري هوندي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**